رسالو نمبر: 73

مدني ﷺ ڏسندا رهو

(مڪتوب)

# ڪربلا جو خوني منظر

هن رسالي ۾ خاص ڪري اسلامي ڀينرن جي لاءِ گهڻا فائديمند مدني گل آهن


ڪربلا جو تاراج قافلو 4

مدني ماحول جي برڪت 6

نيڪي، جي دعوت جو ثواب 6

مبلغين جي لاءِ اهم هدايت 18

حيض ۽ نفاس واري، جي لاءِ اڻ مدني گل 22

8 مدني ڪم (اسلامي ڀينرن جي لاءِ) 26



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# كربلا جو خوني منظر

## درود شريف جي فضيلت

هڪ شخص خواب ۾ خوفناڪ بلا ڏٺي، گهٻرائي ڪري پُڇيائين: تون ڪير آهين؟ بلا جواب ڏنو: مان تنهنجا بُرا عمل آهيان. پُڇيائين تو کان ڇوٽڪاري جي ڪهڙي صورت آهي؟ جواب مليو: درود شريف جي گهڻائي.

(القول البديع ص 225 مؤسسة الريان بيروت)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## كربلا جو خوني منظر

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سگِ مدينه محمد الياس عطار قادري رضوي عفي عنه جي طرفان مديني جي ديواني، مٺي مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي مستاني، مبلغهءِ دعوتِ اسلامي[1].......... جي خدمت ۾، مدني فضائن جون، نُور بار هوائن جون، ۽ اتان جي پر ڪيف برڪتن سان مالا مال خوشگوار سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن عَلٰى كُلِّ حَال

(1) هڪ پريشان حال مبلغه اسلامي ڀيڻ جي لاءِ تسلي ۽ سندن جي معلوم ڪرڻ تي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار تي مشتمل هڪ زبردست رهنمائي ڪندڙ مڪتوب ضروري ترميم سان گڏ ..................

پيشڪش: مجلسِ مڪتوبات

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

توهان جو لکيل مڪتوب پنهنجي اندر عشقِ رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي چاشنيءَ سان مون بدڪار جي گناهگار هٿن ۾ آيو، مديني جي ميناج سان تربتر مڪتوب پڙهيو، اوهان دعوتِ اسلامي جي لاءِ فڪرمند رهنديون آهيو ۽ ڪوشش بہ ڪنديون آهيو، اهو ڄاڻي ڪري دل باغ باغ بلڪ باغِ مدينه بڻجي وئي.

منهنجي مدني ڌيءَ! ماڻهن جي طعنن جي پرواهہ نہ ڪريو، جيڪو بہ سنّتن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اڄڪلهہ ان سان مُعاشرو اڪثر انهيءَ قسم جو غير مهذب برتاءُ ڪندو آهي. افسوس!

وہ دور آیا کہ دیوانۂ نبی کے لئے
ہر ایک ہاتھ میں پتھر دکھائی دیتا ہے

# ڪربلا جا خوني منظر

جڏهن بہ سنّتن تي عمل يا ان جي خدمت جي ڪري توهان تي ظلم ۽ ستم ٿئي تہ ان وقت ڪربلا جي خوني منظرن جو تصور ڪنديون ڪريو. خاندانِ نُبُوَّت جو آخر ڏوهہ ڪهڙو هو؟ صرف اهو ئي جو اهي اسلام جي سربلندي چاهيندا هئا. انهي مقدس ڏوهہ جي سزا ۾ گلشنِ رسالت صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي انهن ننڍڙن خوشبودارگلن کي ڪيتريقدر بي درديءَ سان پائمال ڪيو ويو. آهہ! گلستانِ زهرا (رضی اللہ تعالیٰ عنہا) جون اهي مکڙيون جيڪي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

اچا ٽِڙي ئي نہ سگهيون انهن کي ڪيئن بي رحمي سان گهوڙن جي ٽاپن هيٺ چيپاٽيو ويو! ان وقت سيّد الشهداء امامِ حُسين رضی اللہ تعالیٰ عنہ تي ڇا گذريو هوندو جنهن وقت انهن جي جگر جا ٽڪرا ڪٺجي خاڪ ۽ رت ۾ ڪِرندا ۽ تَڙپندا هوندا!

## آهہ! ننڍو علي اصغر

آهہ! ننڍو علي اصغر رضی اللہ تعالیٰ عنہ! هن مديني جي حقيقي منّي جي اُجاري نِڙيءَ تي جڏهن تير لڳو هوندو ۽ اهي سخت تڪليف سان پنهنجي بابا سائين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي هنج ۾ تڙپيا هوندا ۽ پوءِ هٿن ۾ ئي دم ڏنو هوندو تہ ان وقت بيبي فاطمہ رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي پياري فرزند، رسول الله صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي ڏوهٽيءِ، سيّدُنا امامِ عالي مقام حضرتِ سيّدُنا امامِ حسين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي رنج ۽ غم جو ڇا عالم هوندو.

دیکھا جو یہ نظارہ کانپا ہے عرش سارا
اصغر کے جب گلے پر ظالم نے تیر مارا

۽.... جڏهن ننڍي منّي علي اصغر رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو رت ۾ لٿڙيل ننڍڙو لاش انهن جي امان سائڻ سيّده شهر بانو رضی اللہ تعالیٰ عنہا ڏٺو هوندو تہ انهن تي ان وقت ڪهڙي قيامت قائم ٿي هوندي.

اے زمینِ کربلا یہ بتا کیا ہوگیا!
ننھا علی اصغر تری گودی میں کیسے سوگیا!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

## امام پاڪ جي موڪلاڻي

منهنجي مدني ڌيءَ! ٿورو سوچيو تہ سهي! ان وقت سيّده زينب ۽ سيّده سڪينہ ۽ ٻين ٻيبين رضي الله عنهن اجمعين تي ڇا گذريو هوندو جڏهن سيّد الشهداء امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، امامِ تشنہ ڪام، امام الهمام، سيّدُنا امام حُسين رضي الله تعالیٰ عنه پنهنجي جگر جي ٽڪرن عليهم الرضوان کي تلوارن سان ڪٽرائڻ کان پوءِ پاڻ شهادت جو جام پيئڻ جي لاءِ خيمي مان موڪلائي رهيا هوندا!

فاطمہ کے لاڈلے کا آخری دیدار ہے
حشر کا ہنگامہ برپا ہے میانِ اہلِ بیت
وقتِ رخصت کہہ رہا ہے خاک میں مِلتا سُہاگ
لو سلامِ آخری اے بیوگانِ اہلِ بیت

## ڪربلا جو تاراج قافلو

۽ پوءِ...پوءِ...رُڳو عابدِ بيمار ۽ فقط پردیدار پاڪ ٻيبيون رهجي وڃن، سيئي خيما اُجڙي وڃن. ٻاهر هر طرف خاندانِ عاليشان جي نوجوانن ۽ ٻارن جا مبارڪ لاش وکريل پيا هجن. وري بدترين ستم هي تہ يزيدي خونخوارن جي طرفان ڦُرلٽ شروع ٿي وڃي، خيما ساڙيا وڃن، سڀني کي قيدي بڻايو وڃي، شهداءِ ڪرام عليهم الرضوان جا سرَ مبارڪ نيزن تي بلند ڪري سڄو تاراج قافلو ظالم وٺي هلن. ان جو تصور ئي ڪيتري قدر

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..

دردناڪ هوندو. انهن ڏڪائيندڙ منظرن کي ياد ڪري اسان جي دل رت روئيندي آهي ۽ صدمو برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو آهي. منهنجي مدني ڌيءَ! ان منظر کي ياد ڪندؤ تہ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي معمولي تڪليف جي احساس تي توهان کي پاڻ ئي کِل ايندي تہ ڇا منهنجي بہ ڪا تڪليف آهي !

پیارے مبلغ! معمولی سے مشکل پہ گھبراتا ہے!
دیکھ حسین نے دین کی خاطر سارا گھر قربان کیا

بهرحال صبر ۽ تحمل جو دامن پڪڙي، حُسنِ اخلاق جون پيڪر بڻجي رهو ۽ پنهنجي مختصر ترين زندگي کي شريعت ۽ سنّت جي مطابق گذاريو ۽ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ اسلامي ڀينرن کي نيڪي جي دعوت ڏينديون رهو.

## موت اٹل آهي

ياد رهي! موت اٹل آهي، عنقريب اسان جا ناز ۽ نخرا برداشت ڪرڻ وارا اسان کي ڪلهن تي کڻي ويران قبرستان ۾ اونداهي قبر جي مٽ منيءَ هيٺ دفن ڪري اڪيلو ڇڏي ڪري هليا ويندا. جيڪڏهن خدانخواستہ غير شرعي فيشن ڀري زندگي گذاري، بي پردگيءَ جو سلسلو رهيو، نمازن ۽ روزن ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

لاپرواهي تي ۽ جيڪڏهن الله عزوجل ۽ ان جا محبوب صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم ناراض ٿي ويا ۽ عذاب جي صورت ٿي ته پوءِ اونداهي قبر ۾ ۽ اهو به نانگ ۽ وڇوئن سان گڏ، قيامت تائين ڪيئن گذارو ٿيندو؟ تنهن ڪري هر وقت موت نظر جي سامهون رهي ۽ تمام جلد ختم ٿيڻ واري مختصر زندگي ۾ آخرت جي وڏي عرصي جي تياري ڪرڻ گهرجي.

ڈرا دل کانپ اُٹھتا ہے کلیجہ منہ کو آتا ہے
کرم یارب! اندھیرا قبر کا جب یاد آتا ہے

## مدني ماحول جي برڪت

منهنجي مدني ڏيءَ! تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جو ڪم ڪرڻ ۾ جتي گهڻو ثواب آهي اتي اهو به فائدو آهي ته مدني ماحول نصيب ٿي ويندو آهي ۽ پاڻ ۾ به سنا عمل ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي آهي، مديني پاڪ ۽ تاجدارِ مدينه صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جو عشق نصيب ٿي ويندو آهي ۽ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي فضيلتن جو ته ان ڳالهه مان اندازو لڳايو ته ........

## نيڪيءَ جي دعوت جو ثواب

هڪ ڀيري حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله علیٰ نبينا و عليه الصلوٰة والسلام الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ياالله عزوجل جيڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

پنهنجي پاءُ کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ بُرائيءَ کان روڪي ان جي جزا (يعني اجر) ڇا آهي؟ الله تبارڪ وتعاليٰ ارشاد فرمايو: مان ان جي هر هر ڳالهه تي هڪ هڪ سال جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنّم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي.

(مڪاشفة القلوب ص 48)

# نيڪين جا انبار

سبحٰن الله عزوجل! جيڪڏهن اسان ڪنهن کي هڪ ڳالهه ٻُڌائيندا سين ته اسان کي هڪ سال جي عبادت جو ثواب ملندو ته غور ڪريو جڏهن توهان ڪنهن هڪ اسلامي ڀيڻ کي به ”فيضانِ سنّت“ مان درس ڏينديون ۽ فرض ڪريو توهان ٻه صفحا پڙهي ٻُڌايا ۽ انهن مان ويهه ڳالهيون جيڪڏهن نيڪي ۽ ڀلائيءَ جون بيان ٿيون ته درس ٻُڌڻ واري اها اسلامي ڀيڻ انهن تي عمل ڪري يا نه ڪري توهان جي اعمال نامي ۾ ان شآءالله عزوجل ويهه سال جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو، ۽ جيڪڏهن توهان کان ٻُڌي ڪري ان اسلامي ڀيڻ عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ جيستائين عمل ڪندي رهندي ته توهان کي به مسلسل ان جو ثواب ملندو رهندو ۽ جيڪڏهن ان ڪنهن ٻئي تائين توهان جي ٻُڌل ڪا سنّت پهچائي ته ان جو ثواب ان پهچائڻ واريءَ کي به ملندو ۽ توهان کي به اهڙيءَ طرح ان شآءالله عزوجل توهان جو ثواب وڌندو ئي ويندو. جيڪڏهن نيڪيءَ جي دعوت جو آخرت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

۾ ملڻ وارو ثواب ٻانهو دنيا ۾ ئي ڏسي وٺي تہ پوءِ شايد ڪا گهڙي بہ فضول نہ گذاري بس هر وقت نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائيندو رهي.

شيطان جي وسوسن کي تہ ويجهو بہ اچڻ نہ ڏيو جو هو تہ اهڙيون ئي حالتون پيدا ڪندو جو توهان نيڪيءَ جي دعوت جي ان عظيم ڪم کي ڇڏي ڏيو. **فيضانِ سنت** مان **درس** ڏيڻ بہ دعوتِ اسلامي جو هڪ مدني ڪم آهي. وقت مقرر ڪري روزانو درس جي ذريعي خوب خوب سنّتن جا **مدني گل** عام ڪريو ۽ ڪوڙ ساريون نيڪيون ڪمايو.

## فيضانِ سنت جي درس جا مدني گل

**(هي طريقيڪار اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ٻنهي لاءِ فائديمند آهي)**

**مدينه 1 : فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم : جيڪو شخص منهنجي امت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿي وڃي يا ان سان بد مذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي-

**(حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)**

**مدينه 2: سرڪارِمدينه** صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايو:”اللّٰہ عزوجل ان کي شاد ۽ آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.“ **(جامع ترمذي ج 4 ص 298 رقم الحديث 366)**

**مدينه 3 : حضرتِ** سيّدُنا اِدريس علیٰ نبینا وعلیه الصّلوٰۃ والسلام جي نالي مبارڪ جي هڪ حڪمت هي بہ آهي تہ آسماني ڪتابن جي درس ۽

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.**

تدريس جي ڪثرت سبب سندن (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جو نالو اِدريس ٿي ويو- **(تفسير ڪبير ج 7 ص 550 تفسيرِ حسنات ج 4 ص 48)**

**مدينه 4 : حضورِ** غوث پاڪ رضي الله تعالیٰ عنه فرمائن ٿا: **دَرَسْتُ الْعِلْمَ حَتّٰى صِرْتُ قُطْباً** (يعني مان علم جو درس وٺندو رهيس ايتري تائين جو مقامِ قطبيت تي فائز ٿي ويس) **(قصيدهءِ غوثيه)**

**مدينه 5 : فيضانِ سنّت** مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ **درس** ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو- سيپاري **28** ۾ سُورۃُ التَحرِيم جي ڇهين آيت ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

**(ترجمو ڪنزالايمان** : اي ايمان وارؤ پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن)

پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي دوزخ جي باهہ کان بچائڻ جو هڪ ذريعو **فيضانِ سنّت** جو درس بہ آهي. (درس کان علاوه سنّتن ڀري بيان يا مدني مذاڪري جي روزانو هڪ ڪيسٽ بہ گهروارن کي ٻُڌايو)

**مدينه 6 : ذيلي مشاورت جي نگران کي گهرجي تہ پنهنجي مسجد** ۾ ٻہ خيرخواهہ مقرر ڪري جيڪي درس (بيان) جي موقعي تي وڃڻ وارن کي نرميءَ سان روڪين ۽ سيني کي **ويجهو ويجهو** ويهارن-

**مدينه 7 : پردي ۾ پردو** ڪري گوڏن ڀر **(يعني التحيات واري حالت** ۾) ويهي درس ڏيو- جيڪڏهن ٻُڌڻ وارا گهٽا هجن تہ بيهي ڪري ڏيڻ ۾ ڪو حرج ناهي .

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

**مدينه 8** : **آواز** نہ گهڻو بلند هجي ۽ نہ ئي بلڪل آهستي- حَتَّي الاِمڪان ايتري آواز ۾ درس ڏيو جو صرف (ويٺل) حاضرين ٻڌي سگهن، انهي ڳالهہ جي هميشہ احتياط فرمايو درس وبيان جي آواز سان ڪنهن سُتَل يا ڪنهن نمازي يا ڪنهن تلاوت ڪندڙ وغيره کي تڪليف نہ ٿئي .

**مدينه 9** : **درس** هميشہ هوريان هوريان ۽ گهٽ آواز ۾ ڏيو.

**مدينه 10** : **جيڪو** ڪجهہ درس ڏيڻو آهي پهريان ان جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو غور سان مطالعو ڪريو تہ جيئن غلطيون نہ ٿين-

**مدينه 11** : **فيضانِ سنّت** جا مُعَرَّب الفاظ اِعرَاب (ڏنل زير، زبر ۽ پيش) جي مطابق ئي ادا ڪريو ائين اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **تلفظ** جي درست ادائگي جي عادت بڻجي ويندي-

**مدينه 12** : **حمد** ۽ صلوٰة ، درود ۽ سلام جا چار ئي صيغا (جملا)، آيتِ درود ۽ اختتامي آيات وغيره ڪنهن سنّي عالم يا قاريءَ کي ضرور ٻُڌايو- اهڙيءَ طرح عربي دعائون وغيره جيستائين عُلماءِ اهلسنّت کي نہ ٻُڌايو تيستائين پنهنجي طور تي نہ پڙهندا ڪريو.

**مدينه 13**: **فيضانِ سنّت** کان علاوه مَڪتَبۃُ المَدِينه کان شايع ٿيڻ وارن **مدني رسالن** مان بہ **درس** ڏئي سگهو ٿا. [1]

(1) امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي رسالن کان علاوه ڪنهن ٻئي ڪتاب مان درس جي اجازت ناهي- مرڪزي مجلسِ شوريٰ

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرُود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.**

مدينه 14 : اختتامي دعا سميت درس ستن منٽن جي اندر اندر مڪمل ڪريو-

مدينه 15 : هر مبلغ کي گهرجي ته اهو **درس جو طريقو**، بعد جي **ترغيب ۽ اختتامي دعا** زباني ياد ڪري وٺي-

## فيضانِ سنت مان درس ڏيڻ جو طريقو

ٽي ڀيرا هن طرح اعلان فرمايو: "**ويجهو ويجهو تشريف فرما ٿيو**"- پردي ۾ پردو ڪري گوڏن ڀر ويهي هن طرح ابتدا ڪندا-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

هن کان بعد هن طرح درود ۽ سلام پڙهائيندا-

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

پوءِ هن طرح چئو! **پياريون پياريون اسلامي ڀينرو!** ويجهو ويجهو اچي ڪري درس جي تعظيم جي نيّت سان ٿي سگهي ته گوڏن ڀر ويهي ڪري، جيڪڏهن ٿڪجي پئو ته جهڙي طرح توهان کي آساني ٿئي، انهيءَ طرح ويهي ڪري نگاهون جهڪائي توجه سان **فيضانِ سنّت** جو درس ٻُڌنديون، لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن نهارينديون، زمين تي آڱر سان ڪيڏنديون، لباس بدن يا وارن وغيره کي ناهيندي ٻُڌڻ سان ان جون برڪتون گهٽجڻ جو انديشو آهي-

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو اللّٰه تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

(بيان جي شروعات ۾ بہ انهيءَ انداز ۾ ترغيب ڏياريندا) هي چوڻ کان بعد فيضانِ سنّت مان ڏسي ڪري درود شريف جي هڪ فضيلت بيان ڪيو، پوءِ چئو:

صَلُّو عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو ڪجهہ لکيل آهي اهو ئي پڙهي ٻُڌائيندا . آيتن ۽ عربي عبارتن جو فقط ترجمو پڙهندا ڪنهن بہ آيت يا حديث جو پنهنجي راءِ سان هرگز خلاصو نہ ڪندا .

## درس جي آخر ۾ هن طرح ترغيب ڏياريو

**(هر مبلغ ۽ مبلغہ ڪي گهرجي تہ زباني ياد ڪري ۽ درس ۽ بيان جي آخر ۾ بنا ڪنهن ڪمي بيشي جي هن طرح ترغيب ڏي)**

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول ۾ ڪثرت سان سنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن- (پنهنجي علائقي جي هفتيوار اجتماع جو اعلان هيئن ڪريو مثلاً باب المدينه ڪراچي جي تحصيل مكةالمكرمة واريون اسلامي ڀينرون چون) هر آچر تي فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ۾ ٻنپهرن جو تقريباً 2:30 وڳي شروع ٿيڻ واري سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي مدني اِلتجا آهي- روزانو **فڪرِ مدينه**جي ذريعي **مدني انعامات**جو رسالو ڀري هرمدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميداره کي جمع ڪرائڻ جو معمول

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

ٻڌايو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي فڪر جو ذهن نهندو- هر اسلامي ڀيڻ پنهنجو هي مدني ذهن ٺائي **مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**- اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

*الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو*

آخر ۾ خُشُوع وَ خُضُوع (يعني بدن جي عاجزي ۽ دل و دماغ جي حاضري) سان دعا ۾ هٿ کڻڻ جا ادب بجا آڻيندي بنا ڪنهن ڪمي بيشي جي هن طرح دعا گهرو-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنo وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْن۔

يا ربِ عَزَّوَجَلَّ **بطفيلِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم اسان جي، اسان جي ماءُ پيءُ جي ۽ سڄي امت جي بخشش فرماءِ- **ياالله** عَزَّوَجَلَّ درس جون غلطيون ۽ تمام گناهه معاف فرماءِ، عمل جو جذبو ڏي، اسان کي پرهيزگار ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻاءِ- **ياالله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجو ۽ پنهنجي مدني حبيب صلى الله تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو مخلص عاشق بڻاءِ. اسان کي گناهن جي بيمارين کان شفا عطا فرماءِ- **ياالله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي **مدني انعامات** تي عمل ڪرڻ، ۽ اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي ڀين کي ٻه مدني ڪمن جي ترغيب ڏيارڻ جو جذبوعطا فرماءِ**ياالله** عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي بيمارين، قرضدارين،بي روزگارين، بي اولادين، بي ڏوهه مقدمي بازين ۽ هر قسم جي پريشانين ۽ مصيبتن کان نجات عطا فرماءِ- **ياالله** عَزَّوَجَلَّ اسلام کي ناميارو ڪر ۽ دشمنانِ اسلام جو منهن ڪارو

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

ڪر- يااللّٰه عزوجل اسان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اِستقامت عطا فرماءِ- **يااللّٰه** عزوجل اسان کي گنبذِ خضرا جي سايي ۾ پياري محبوب ﷺ جي قدمن ۾ شهادت، جَنّتُ البَقِيع ۾ مدفن ۽ جَنّتُ الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب ﷺ جو پاڙو نصيب فرماءِ- **يااللّٰه** عزوجل مديني جي خوشبودار، ٿڌين ٿڌين هوائن جو واسطو اسان جون تمام جائز دعائون قبول فرماءِ.

جس کسی نے بھی دعا کے واسطے یارب کہا
کردے پوری آرزو ہر بےکس و مجبور کی

آمِين بِجَاهِ النبِيِّ الاَمِين ﷺ

شعر کان بعد هي آيت درود ۽ دعا جون اختتامي آيتون پڙهو:-

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

﴿پ22 الاحزاب 56﴾

سيئي درود شريف پڙهي وٺن پوءِ پڙهو:

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

﴿پ23 الصّٰفّٰت؛ 180- 186﴾

درس جي ڪمائي حاصل ڪرڻ لاءِ (بيني بيني نه بلڪ) **ويهي ڪري** مُرڪندڙ انداز ۾ اسلامي ڀينرن سان ملاقات ڪريو، ڪجھ نئين اسلامي ڀينرن کي پنهنجي ويجهو ويهاريو ۽ **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي ڪين **مدني انعامات** ۽ ٻين مدني ڪمن جون برڪتون سمجهائي مدني ماحول سان وابسته ڪيو-

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

تمہیں اے مبلغ یہ میری دعا ہے
کیے جاؤ طے تم ترقی کا زینہ

**دعاءِ عطار:** ياالله عزوجل منهنجي ۽ پابندي سان **فيضانِ سنّت** مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ درس ڏيڻ ۽ ٻُڌڻ وارين جي مغفرت فرماءِ ۽ اسان کي حُسنِ اخلاق جو پيڪر بڻاءِ-

اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

مجھے درسِ فیضانِ سنت کی توفیق
ملے دن میں دو مرتبہ یاالٰہی عزوجل

## غير عالم تي بيان ڪرڻ حرام آهي

**سوال :** جيڪا اسلامي ڀيڻ عالمہ نہ هجي اها اسلامي ڀينرن جي اجتماع ۾ بيان ڪري سگهي ٿي؟

**جواب :** جيڪا ڪافي علم نہ رکندي هجي اها مذهبي بيان نہ ڪري . جيئن تہ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فتاويٰ رضويہ **جلد** 23 صفحي 378 تي فرمائن ٿا: وعظ ۾ ۽ هر ڳالهہ ۾ سڀ کان اعليٰ اجازت الله ۽ رسول عزوجل و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي آهي. جيڪو ڪافي علم نہ رکندو هجي، ان جو واعظ ڪرڻ حرام آهي ۽ ان جو وعظ ٻُڌڻ جائز ناهي ۽ جيڪڏهن ڪو **معاذالله** عزوجل بد مذهب آهي تہ اهو تہ شيطان جو نائب آهي ان جي ڳالهہ ٻُڌڻ سخت حرام آهي (ان کي مسجد ۾ بيان کان روڪيو وڃي) ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي بيان سان فتنو اٿندو هجي تہ ان کي بہ روڪڻ جو امام ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

مسجد وارن کي حق آهي ۽ جيڪڏهن ڪامل، سني، صحيح العقيده عالم واعظ فرمائي تہ ان کي روڪڻ جو ڪنهن کي حق ناهي. جيئن تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ٻي سيپاري سورة البقره جي آيت نمبر 114 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪير ان کان وڌيڪ ظالم آهي جيڪو الله جي مسجدن کي منجهن خدا جي نالي وٺڻ کان روڪي.

(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 378)

## عالم جي تعريف

**سوال** : تہ ڇا مبلغ بڻجڻ جي لاءِ درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ڪرڻ شرط آهي؟

**جواب:** عالم ٿيڻ جي لاءِ نہ درسِ نظامي شرط آهي نہ ان جي سَنَد ڪافي آهي بلڪ علم هجڻ گهرجي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”عالم جي تعريف اها آهي تہ عقائد کان پوري طرح آگاهہ هجي ۽ مستقل هجي، پنهنجي ضروريات کي ڪتاب مان ڪنهن جي مدد جي بغير ڪڍي سگهي. علم ڪتابن جي مطالعي سان ۽ عالمن کان ٻُڌي ٻُڌي بہ حاصل ٿيندو آهي.“ (ملخصًا احڪامِ شريعت حصو 2 ص 231) معلوم ٿيو تہ عالم ٿيڻ جي لاءِ درسِ نظامي جي تڪميل جي سَنَد ضروري ناهي، ۽ نہ ئي عربي فارسي جو ڄاڻڻ شرط، بلڪ علم درڪار آهي. منهنجا آقا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: سنَد ڪا شيء ناهي گهڻا سنَد يافته ڪورا (يعني دين جي علم کان خالي) هوندا آهن ۽ جن سنَدَ نه ورتي انهن جي شاگردي جي قابليت به انهن سند يافتن ۾ ناهي ٿيندي، علم هجڻ گهرجي. (فتاويٰ رضويه ج23 ص 683) الحمدلله عَزَّوَجَلَّ فتاويٰ رضويه شريف، بهارِ شريعت، قانونِ شريعت، مراة المناجيح، علم القران، تفسير نعيمي، احياءُالعلوم (مترجم) ۽ اهڙيءَ طرح جا ٻيا ڪيترائي اردو ڪتاب آهن جن کي پڙهي سمجهي ڪري ۽ علماءِ ڪرام کان پُڇي پُڇي ڪري به ضرورت مطابق عقائد ۽ مسائل کان آگاهي حاصل ڪري "عالم" بڻجڻ جو شرف حاصل ڪري سگهجي ٿو، ۽ جيڪڏهن گڏوگڏ "درس نظامي" ڪرڻ جي سعادت به حاصل ٿي وڃي ته نورٌعَلٰينور.

## غير عالم جي بيان جو طريقو

**سوال** : جيڪو عالم نه هجي ته ڇا ان کي بيان ڪرڻ جي به ڪا صورت آهي؟

**جواب** : غير عالم کي بيان ڪرڻ جي آسان صورت اها آهي ته علماءِ اهلِ سنّت جي ڪتابن مان ضرورت مطابق ڦوٽو ڪاپيون ڪرائي انهن کي ڪٽي ناهي پنهنجي ڊائري ۾ چنبڙائي ڇڏي ۽ ان مان پڙهي ڪري ٻُڌائي. پنهنجي زباني ڪجهه نه چوي ۽ پنهنجي طرفان ڪڏهن به ڪنهن آيتِ ڪريمه جي تفسير يا حديثِ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

پاڪ جي شرح وغيره بيان نہ ڪري، ڇوتہ **تفسير بالرّاءِ**[1] **حرام آهي ۽ پنهنجي اٽڪل جي مطابق آيت مان استِدلال** (يعني دليل) **۽ حديثِ مبارڪ جي شرح ڪرڻ جيتوڻيڪ صحيح هجي تڏهن بہ شرعاً ان جي اجازت ناهي،** فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جنهن بغير علم جي قران جو تفسير ڪيو اهو پنهنجو نڪاڻو جهنم ۾ بڻائي. (سنن ترمذي ج 4 ص 439 حديث 2959) **غير عالم جي بيان جي** باري ۾ رهنمائي ڪندي منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجددِ دين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: ”جاهل اردو پڙهندڙ جيڪڏهن پنهنجي طرفان ڪجهہ نہ چوي بلڪ عالم جي تصنيف پڙهي ڪري ٻُڌائي تہ ان ۾ حرج ناهي.“

**(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 409)**

## مبلغين جي لاءِ اهم هدايت

**سوال** : دعوتِ اسلامي جا ڪجهہ مبلغين ۽ مبلغات زباني بہ بيان ڪندا آهن انهن جي لاءِ توهان جي طرف ڪان ڪهڙيون هدايتون آهن؟

**جواب** : جيڪڏهن اهي علماء يا عالمات آهن تڏهن تہ ڪو حرج ناهي، ٻي صورت ۾ غير عالم مبلغين ۽ مبلغات جي لاءِ گذارشون پيش ڪيون ويون تہ اهي صرف علماء جي تحريرن

(1) تفسير بالراءِ ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو آهي جنهن قران جو تفسير پنهنجي **عقل ۽ قياس** سان ڪيو جنهن جي نقل (يعني شرعي) دليل ۽ سند نہ هجي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

مان پڙهي ڪري ئي بيان ڪن. جيڪڏهن ڪنهن غير عالم ڪي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ زباني بيان ڪندي ڏسو ته **دعوتِ اسلامي جا ذميدار ان کي روڪين.** غير عالم مبلغين ۽ مبلغات ۽ سڀني غير عالم واعظين کي ڪپي ته اهي زباني مذهبي بيان يا خطاب نه ڪن. منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجددِ دين ۽ ملت مولانا شاهه احمد رضا خان علیه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا:”جاهل اردو پڙهندڙ جيڪڏهن پنهنجي طرفان ڪجهه نه چوي بلڪ عالم جي تصنيف پڙهي ڪري ٻڌائي ته ان ۾ حرج ناهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: جاهل پاڻ بيان ڪرڻ ويهي ته ان کي بيان ڪرڻ حرام ۽ ان جو بيان ٻڌڻ حرام آهي ۽ مسلمانن کي حق آهي ته ان کي منبر تان لاهي ڇڏين ۽ هن ۾ **نَهِيٌ عَنِ الْمُنکر** (يعني برائي کان منع ڪرڻ) ۽ هي **نَهِيٌ عن المنکر** واجب آهي. وَاللّٰہُ تعالیٰ اعلم

(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 409)

## ڇا عورت V.C.D ۾ مبلغ جو بيان ڏسي سگهي ٿي

**سوال :** ڇا اسلامي ڀينرون V.C.D يا مدني چينل جي ذريعي نامحرم مبلغ جو بيان ٻڌي سگهن ٿيون ؟ ڇا اهو بي پردگي ۾ داخل نه آهي ؟

**جواب :** بي پردگي بي ڳالهه آهي ۽ V.C.D جي ذريعي اسلامي ڀينرن جو نامحرم کي بيان ڪندي ڏسڻ ٻي ڳالهه آهي . اسلامي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..

پينرن جي لاءِ پردي جو لحاظ ۽ ڪجھ شرعي پابندين سان غير مرد کي ڏسڻ جي معاملي ۾ ڪجھ گنجائش آهي، مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت حصي 16 صفحي 86 تي فتاويٰ عالمگيري جي حوالي سان لکيل آهي ”عورت جو اجنبي مرد (يعني نامحرم شخص) ڏانهن نظر ڪرڻ جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو مرد ڏانهن نظر ڪرڻ جو حڪم آهي،هي ان وقت آهي تہ عورت کي يقين هجي تہ ان ڏانهن نظر ڪرڻ سان شهوت پيدا نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان جو شڪ بہ هجي تہ هرگز نہ ڏسي (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 327) ها خدانخواستہ بيان جي V.C.D يا مدني چينل ڏسڻ جي دوران بہ جيڪڏهن گناهن ڀري ڪشش محسوس ٿئي تہ توبہ ۽ استغفار ڪندي جلدي اتان اٿي وڃي، منهنجو مشورو هي آهي تہ جوان هجي يا پوڙهو ٻنهي کي ڏسڻ کان عورت وس آهر بچي جو هي دؤر تمام نازڪ آهي. باقي وڏي عمر وارو عالم يا بغير ڪشش واري پوڙهي يا اڌڙوٽ عمر جي پير ومرشد (جڏهن تہ ويجهو ڪو بيو اهڙو غير مرد نہ هجي جنهن تي نظر پوندي هجي تڏهن انهن) کي ڏسڻ ۾ حرج نہ آهي جو ان ۾ فتني جو احتمال نہ هجڻ جي برابر آهي . پوءِ بہ جيڪڏهن ڏسڻ جي دوران شيطان جذبن ۾ جوش پيدا ڪري تہ جلدي نظر ڦيرائي ۽ اتان کان پري ٿي وڃي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودپاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

## ڇا عورت نعت خوان جي V.C.D ڏسي سگهي ٿي

**سوال:** ته ڇا اسلامي ڀينرون V.C.D يا مدني چينل جي ذريعي نوجوان نعت خوان کي ٻڌنديون ۽ ڏسنديون رهن؟

**جواب :** نعت خوان ۽ اهو به نوجوان وري هٿ وغيره لوڏڻ جي ادائن (يعني ايڪشن) جي ڪشش به موجود هجي ۽ وري ترنم (يعني آلاپ) جنهن ۾ ته جادو جهڙو اثر هوندو آهي. انهن صورتن جي هوندي شايد ڪا وليه ئي نامحرم نوجوان نعت خوان کي ڏسي ٻڌي پنهنجو پاڻ کي گناهن ڀري خيالن کان بچائي سگهي! ڏسڻ جي ڳالهه ته پري رهي منهنجي ته پنهنجي مدني نياڻين کي اها تاڪيد آهي ته اهي نوجوان نعت خوان جون آديو ڪيسيٽون به نه ٻڌن جو انهن جي سريلي آواز جي ڪري اهي فتني ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿيون. صحيح بخاري شريف ۾ آهي ته سرڪار مدينه، سلطان باقرينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي هڪ حُدي خوان (يعني اٺن کي تيز هلائڻ ۽ مست ڪرڻ لاءِ شعر چوڻ واري) جو نالو اَنۡجَشَه رضی اللہ تعالیٰ عنہ هو، پاڻ انتهائي سريلي آواز وارا هئا. (هڪ سفر جي دؤران جنهن ۾ عورتون به ساٿس گڏ هيون ۽ سيدنا انجشه شعر پڙهي رهيا هئا ان تي) سرڪار مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم انهن کي ارشاد فرمايو: ”اي اَنۡجَشَه! آهستي نازڪ شيشيون نه ڀجي ڇڏين“ (صحيح بخاري ج 4 ص 158 حديث 6211) مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ هن حديث شريف تحت لکن

ٿا : ”يعني مون سان سفر ۾ عورتون به آهن جن جون دليون ڪچي شيشي جيان ڪمزور آهن سريلو آواز انهن کي جلدي مائل ڪندو آهي ۽ اهي ڳائڻ سبب گناهن ڏانهن مائل ٿي سگهن ٿيون ان لاءِ پنهنجو ڳائڻ بند ڪريو“ (مرأة ج 6 ص 443) ها فوت ٿي ويل نعت خوانن جي آڊيو ڪيسيٽ ۾ شايد خطرا نه هجن، بهر حال شيطان جيڪڏهن خيالن جو رخ ”گناهن“ ڏانهن موڙڻ شروع ڪري ته توبهه ۽ استغفار ڪندي جلد ٽيپ رڪارڊ بند ڪري ڇڏيو.

## حيض ۽ نفاس واريءَ جي لاءِ اٺ مدني گل

﴿1﴾ حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ اسلامي ڀيڻ درس به ڏئي سگهن ٿيون ۽ بيان به ڪري سگهن ٿيون. اسلامي ڪتاب کي هٿ لاهڻ ۾ ڪو حرج ناهي، قرآن پاڪ کي هٿ يا آڱر يا بدن جو ڪو حصو لڳائڻ حرام آهي، ۽ ڪنهن صفحي تي جيڪڏهن قراني آيت لکيل هجي ۽ ٻي ڪا عبارت نه لکيل هجي ته ان صفحي جي اڳيان پويان ڪنهن به ڪناري يا حصي کي ڇهڻ جي اجازت ناهي.

﴿2﴾ بنا وضوءَ جي قرآن شريف يا ڪنهن آيت کي هٿ لڳائڻ حرام آهي قُرآن پاڪ جو ترجمو فارسي يا سنڌي يا ڪنهن ٻي زبان ۾ هجي ان کي به پڙهڻ يا هٿ لڳائڻ ۾ قرآن پاڪ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

ساڳيو ئي حڪم آهي . (بهارِ شريعت حصو 2 ص 48)

﴿3﴾ جيڪڏهن قرآن پاڪ ڪنهن جُزدان (يعني پيتي يا ٿيلهي وغيره) ۾ هجي ته بغير وضوءَ جي جُزدان کي ڇُهڻ ۾ حرج ناهي . اهڙيءَ طرح ڪنهن اهڙي ڪپڙي يا رومال وغيره سان قرآن پاڪ پڪڙڻ جائز آهي جيڪو نه پنهنجي تابع هجي نه قرآن پاڪ جي، قميص جي اڳ يا رَئي جي ڪناري سان، ايتريقدر جو چادر جي هڪ ڪنڊ ته ڪلهي تي آهي ته چادر جي ٻي ڪنڊ سان قرآن پاڪ ڇهڻ حرام آهي ڇوته اهي سڀ شيون ان جي تابع آهن جيئن جزدان قران شريف جي تابع هو . (بهارِ شريعت حصو 2 ص 48)

﴿4﴾ قرآنِ پاڪ جي آيت دعا جي نيّت سان يا برڪت جي طور مثال طور بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم يا شڪر ادا ڪرڻ لاءِ اَلحَمدُ لِلّٰهِ رَبِّ العٰلَمِين يا ڪنهن مسلمان جي موت يا ڪنهن قسم جي نقصان جي خبر تي اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيهِ رَاجِعُوْنَ يا ثناء جي نيّت سان پوري سورهءِ فاتحه يا آيَةُ الكُرسِي يا سُورَةُالحَشر جون آخري ٽي آيتون هُوَاللهُ الَّذِىْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج کان آخر تائين پڙهو ۽ انهن سڀني سورتن ۾ قرآن پڙهڻ جي نيّت نه هجي ته ڪو حرج ناهي، ائين ئي ٽئي قُل بنا لفظ ”قُل“ جي ثناء جي نيّت سان پڙهي سگهو ٿا، ”قُل“ لفظ سان گڏ ثناء جي نيّت سان به نه ٿا پڙهي سگهو، ڇوته ان صورت ۾ انهن جو قرآن هجڻ واضح آهي، نيّت کي ڪو دخل ناهي . (بهارِ شريعت حصو 2 ص 48)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

﴿5﴾ قرآن جي علاوه ذڪر ۽ اذڪار، درود و سلام، نعت شريف پڙهڻ ۽ اذان جو جواب ڏيڻ وغيره ۾ ڪو حرج ناهي. ذڪر جي حلقي ۾ شرڪت ڪري سگهن ٿيون بلڪ ذڪر ڪرائي بہ سگهن ٿيون پر انهن شين کي با وضو يا ڳُرڙي ڪري پڙهڻ بهتر ۽ ائين پڙهي ورتائين تہ بہ حرج ناهي.

﴿6﴾ خاص طور تي اها ڳالهہ ياد رکو تہ (انهن ڏينهن ۾) نماز ۽ روزو **حرام** آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 102 عالمگيري ج1 ص 38)

﴿7﴾ لحاظ ڪندي بہ اهڙي موقعي تي ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي فقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ فرمائن ٿا: بنا عذر ڄاڻي واڻي بغير وضو جي نماز پڙهڻ ڪفر آهي، جڏهن تہ ان کي جائز سمجهي پڙهي يا استهزاءً (مذاق ڪندي) اهو فعل ڪري . (منح الروض للقاري ص 468)

﴿8﴾ انهن ڏينهن جي نمازن جي قضا ناهي البت رمضان جي روزن جي قضا فرض آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 326، درمختار ج 1 ص 532) جيستائين قضا روزا ذمي باقي رهن ٿا ان وقت تائين نفلي روزو قبول ناهي هوندو. تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد پهرين جو مطالعو ڪرڻ هر اسلامي ڀيڻ کي نہ صرف درخواست آهي بلڪ سخت تاڪيد آهي .

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

# پردي جا اهم مدني گل

ماسات، ماروٽ، ڀڻات، سؤٽ، ڏير، ماسڙ، ڀڻيا ۽ پيٽويي بلڪ پنهنجي نامحرم پير ۽ مرشد کان به پردو ڪريو، ۽ مرد جو پنهنجي مامي، چاچي، ڀاڄائي، پنهنجي گهرواري جي ڀيڻ سان به پردو آهي. زباني ڀاءُ ڀيڻ، زباني ماءُ پٽ، ۽ زباني پيءُ ۽ ڌيءَ ۾ به پردو آهي ايتري تائين جو پالڻ لاءِ ورتل ٻار(جڏهن مرد ۽ عورت جا معاملا سمجهڻ لڳي ته) ان کان به پردو آهي البت رضاعي ماءُ پٽ ۽ رضاعي ڀاءُ ڀيڻ ۾ پردو ناهي. تنهن ڪري پالڻ واري ٻار يا ٻارڙيءَ کي هجري سن جي مطابق ٽيهه مهينن جي عمر جي اندر اندر عورت پنهنجو يا پنهنجي سڳي ڀيڻ يا سڳي ڌيءُ يا سڳي ڀاڻيجي جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو کير اهڙي طرح پيئاري جو ان ٻار يا ٻارڙيءَ جي نِڙيءَ کان هيٺ لهي وڃي. اهڙي طرح هاڻي جن جن جو کير وارو رشتو قائم ٿيو انهن کان پردو واجب نه رهيو اعلٰي حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: جواني ۾ يا فتني جي امڪان سبب پردو ڪرڻ مناسب آهي ڇو ته عوام وٽ هن (کير جي رشتي) جي هيبت گهٽ هوندي آهي (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 235) اهو ياد رهي ته هجري سن جي حساب سان ٻن سالن جي عمر کان پوءِ ٻار يا ٻارڙيءَ کي جيتوڻيڪ عورت جو کير پيئارڻ حرام آهي. پر اڍائي سالن جي اندر جيڪڏهن کير پياريندي ته رضاعت (يعني کير جو رشتو) ثابت ٿي ويندو. تفصيلي معلومات جي لاءِ بهارِ شريعت حصي 7 مان”دودھ کے رشتے کا بیان“

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو انَ ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا۔

پڙهي ڇڏيو. ۽ پڻ رسالي ”زخمي نانگ“ جو ضرور ضرور ضرور مطالعو فرمايو. گهر جي ڀين ڀاتين کي منهنجو مدني سلام عرض ڪري مون گناهگار جي سردار جي لاءِ دعاءِ مدينه و بقيع ۽ بي حساب بخشش جي درخواست ڪريو. توهان بہ دعاءِ مدينه ۾ ياد فرمائينديون رهو.

والسلام مع الاکرام

## 8 مدني ڪم (اسلامي ڀينرن جي لاءِ)

(طرفان: مرڪزي مجلسِ شوريٰ)

(1) انفرادي ڪوشش (2) گهر درس (3) ڪيسيٽ بيان (4) مدرسة المدينه (بالغات) (5) هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع (6) علائقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت (7) هفتيوار تربيتي حلقو (8) مدني انعامات .

﴿1﴾ **انفرادي ڪوشش:** نئين نئين اسلامي ڀينرن تي انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي مدني ماحول سان منسلڪ ڪريو، معلمہ مبلغہ مُدرِسہ بڻائي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم وڌايو. اهي اسلامي ڀينرون جيڪي اڳ ۾ ايندڀون هيون پر هينئر نہ ٿيون اچن، خاص طور تي انهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي مدني ماحول سان وابستہ ڪريو. شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ **علامہ مولانا محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه ارشاد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

فرمائن ٿا: دعوتِ اسلامي جو 99 سيڪڙو مدني ڪم انفرادي ڪوشش سان ممڪن آهي.

﴿2﴾ **گهر درس** : گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو درس فيضانِ سنّت ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي ترڪيب فرمايو. (جنهن ۾ نامحرم نہ هجن). اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي تخريج شده رسالن مان بہ موقعي جي مناسبت سان درس ڏئي سگهجي ٿو. (فيضانِ سنّت جي درس جو طريقو فيضانِ سنت تخريج شده جلد پهريون ۾ ملاحظہ فرمايو)

﴿3﴾ **ڪيسيٽ اجتماع** : هر اسلامي ڀيڻ روزانو انفرادي طور تي يا سڀني گهر وارن کي (جن ۾ نا محرم نہ هجن) جمع ڪري شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جا سنّتن ڀريا بيان، مدني مذاڪرا ۽ مڪتبة المدينہ جا جاري ٿيندڙ ٻين مبلغن جا سنتن ڀريا بيان ضرور ٻڌو- هفتيوار سنّتن ڀريا اجتماع ۽ تربيتي حلقن ۾ ماهانہ، مدرسة المدينه (بالغات) ۾ هفتيوار ۽ جامعة المدينہ ۾ روزانو ”ڪيسيٽ اجتماع“ ڪريو -(روزانو سنتن ڀري بيان يا مدني مذاڪري جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪيسيٽ ٻڌڻ وارن کان منهنجي دل ڏاڍي خوش ٿيندي آهي)

﴿4﴾ **مدرسة المدينہ** (بالغات) : في ذيلي حلقہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدرسة المدينہ (بالغات) جو اهتمام ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..**

**مدرسة المدينہ ۾ پڙهڻ وارين جو هدف:** گهٽ ۾ گهٽ 12 اسلامي ڀينرون، (وڌ ۾ وڌ هڪ ڪلاڪ 12 منٽ) صبح 8:00 ڪان عصر جي اذان تائين ڪنهن بہ وقت (باپرده جڳهہ ۾) ترڪيب ڪري سگهجي ٿي. صحيح قرآن پاڪ پڙهڻ سيکارڻ سان گڏوگڏ غسل، وضو، نماز، سنتون، دعائون ۽ پڻ عورتن جا شرعي مسئلا وغيره زباني نہ بلڪ مڪتبة المدينہ مان شايع ٿيل ڪتاب "**اسلامي ڀينرن جي نماز**"، "**جنتي زيور**" ۽ "**نماز جا احڪام**" مان ڏسي ڪري سيکاريو. مدرسة المدينہ (بالغات) "**مدني گلن**" جي مطابق قائم ڪريو.

﴿5﴾ **هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع:** اسلامي ڀائرن جي"شهر مجلسِ مشاورت" جي اجازت سان هفتي ۾ ڪو هڪ ڏينهن مقرر ڪري ذيلي حلقہ، حلقہ، علائقہ يا شهر سطح تي باپرده جڳهہ ۾ هفتيوار سنّتن ڀريا اجتماع ڪريو. ڏينهن ۽ وقت مخصوص ڪريو.

**شريڪ ٿيڻ وارين جو هدف :** في ذيلي حلقہ گهٽ ۾ گهٽ 12 (وڌ ڪان وڌ ٻن ڪلاڪن تائين) هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع "مدني گلن" جي مطابق ڪريو. اسلامي ڀينرن ڪي مائيڪ، ميگا فون، سي ڊي پليئر ۽ ايڪو ساؤنڊ وغيره استعمال ڪرڻ جي اجازت ناهي.

﴿6﴾ **علائقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت :** هفتي ۾ ڪو هڪ ڏينهن مقرر ڪري جڳهہ مٿائي ڪري "علائقائي دؤرو براءِ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

نيڪيءَ جي دعوت” جي سعادت حاصل ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ست اسلامي ڀينرون (جن ۾ گهٽ گهٽ ۾هڪ وڏي عمر واري اسلامي ڀيڻ ضرور هجي) پنهنجي ذيلي حلقي يا حلقي جي آسپاس ۾ (پردي جي احتياط سان) گهر گهر وڃي 30 منٽ ”علائقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت“ جي ترڪيب بڻايو. ان ڪان پوءِ مقرر وقت ۽ جڳهہ تي مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق علائقائي دؤري جو اجتماع ڪريو (63 منٽن تائين) اسلامي ڀينرون پنهنجن سڀني مدني ڪمن مان فارغ ٿي ڪري سانجهيءَ جي نماز ڪان اڳ ۾ گهر پهچي وڃن.

**﴿7﴾ هفتيوار تربيتي حلقو :** اسلامي ڀائرن جي”شهر مجلسِ مشاورت“جي اجازت سان هفتي ۾ ڪو هڪ ڏينهن مقرر ڪري حلقہ، علائقہ، يا شهر سطح تي تربيتي حلقي جي ترڪيب ڪريو. (وڌ ۾ وڌ 2 ڪلاڪ) تربيتي حلقي جي لاءِ باپرده جڳهہ، ڏينهن ۽ وقت مخصوص ڪريو. مدني مرڪز جي ڏنل طريقي ڪار جي مطابق غسل، وضو، نماز، سنّتون، دعائون ۽ عورتن جا شرعي مسئلا وغيره، درس ۽ بيان جو طريقو ۽ دعوتِ اسلامي جا اصطلاح ۽ صحيح تلفظ سيکاريو ۽ پڻ شجرهءِ عطاريہ جا اوراد ۽ وظائف بہ ياد ڪرايو ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي مدني ڪم وڌائڻ جو ذهن ڏيو. 8 مدني ڪم سمجهائي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.**

ڪري سهڻي انداز ۾ ڪا ذميداري سونپي ڇڏيو، ان سان گڏ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرفان جاري ٿيڻ واري ”مدني گلن“ جي مطابق اسلامي ڀينرن جي تربيت ڪريو.

**شرڪت ڪرڻ وارين جو هدف في حلقو :** گهٽ ۾ گهٽ 7 اسلامي ڀينرون .

**﴿8﴾ مدني انعامات:** اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي عطا ڪيل مدني انعامات نيڪ بڻجڻ جو بهترين نسخو آهي. تنهن ڪري وقت مقرر ڪري روزانو فڪرِ مدينه ڪريو(يعني غور ڪريو ته مدني انعامات جي مطابق اڄ ڪيترو عمل ٿيو) رسالي ۾ ڏنل خانا ڀري هر مدني مهيني جي اندر اندر پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ وٽ جمع ڪرائي ڇڏيو ۽ پڻ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو ”مدني تحفو“ جي ذريعي ٻين اسلامي ڀينرن کي به ”**مدني انعامات**“ تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريو. هر اسلامي ڀيڻ اها ڪوشش ڪري ته اها عطار جي اجميري، بغدادي، مڪي ۽ مدني ڌيءُ بڻجڻ جو شرف ماڻي سگهي. انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري ”مدني انعام“ تي عمل ڪندي هر مهيني مدني انعامات جي گهٽ ۾ گهٽ 26 رسالا ورهائي ڪري ايندڙ مهيني وصول ڪرڻ جي به ڪوشش ڪريو.

**هدف في ذيلي حلقو:** گهٽ ۾ گهٽ 12 رسالا.

**خاص تاڪيد :** هر طرح جو بيان ”مدني گلن“ جي مطابق ڊائري مان پڙهي ڪري ڪريو، زباني بيان جي ڪڏهن به اجازت ناهي.

**مرڪزي مجلسِ شوريٰ** (دعوتِ اسلامي)

# حلال ڪمائڻ ۽ ثواب جي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ

اميـر المـؤمنين حضـرتِ سـيّدُنا عمـر بـن خطـاب رضی اللہ تعالیٰ عنہ کـان روايـت آهـي: دنيـا منـي ۽ سرسـبز آهـي، جـنهن ان مـان حـلال طريقـي سان ڪمايو ۽ ان کي ثـواب واري ڪـم ۾ خرچ ڪيـو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کـي ثـواب عطا فرمائيـندو ۽ پنهنجي **جنـت** ۾ داخل فرمائيندو ۽ جنهن حرام طريقي سان ڪمايو ۽ ناحق خرچ ڪيـو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جـي لاءِ ذلـت ۽ حقـارت جـي گهـر کـي حـلال ڪـري ڇڏيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي مال ۾ خيانت ڪرڻ وارن گهڻن ماڻهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن جهنّم هوندو. الله عَزَّوَجَلَّ پندرهين سيپاري، سورة بني اسرائيل جي آيت 97 جي آخري حصي ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلَّمَا خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِيۡرًا ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن بہ وسامڻ لڳو تہ اسان ان کي اجا وڌيڪ ڀڙڪائيندا سين.

(شعب الايمان حديث 5527، ج 4 ص 396)

بِشارت ملے کاش! جنّت کی فوراً
قیامت کے دن جُوں ہی عطار آئے

(مغیلانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد